# چڱي ۽ بري لالچ

**01-October-2020**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

# چڱي ۽ بري لالچ

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ:

- ❖ زبان لٽڪي سيني تي اچي وئي
- ❖ لالچ ڇاکي چئبو آهي؟
- ❖ لالچ جا قسم
- ❖ مال جي لالچ جو وبال
- ❖ لالچ جي چمڪ
- ❖ بري لالچ کان بچڻ ۽ چڱي لالچ اپنائڻ جا طريقا

پيشڪش

المدينة العلميه

(شعبہ بياناتِ دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# چڱي ۽ بري لالچ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## درود پاڪ جي فضيلت

سرورِڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رحمت نشان آهي: قِيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش کان علاوه ٻي ڪا ڇانو نہ هوندي، ٽي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانو ۾ هوندا. عرض ڪئي وئي: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهي ڪهڙا ماڻهو هوندا؟ ارشاد فرمايو: (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو. (اَلبُدورُ السّافرة في امورالاخره لِلسُّيوطی، ص ۱۶۹حديث ۳۶۴)

يا الٰہی گرمیٔ مَحْشَر سے جب بھڑکیں بدن  دامنِ محبوب کی ٹھنڈی ہوا کا ساتھ ہو[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه“ **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ سٺين سٺين نيتن سان اوّل تا آخر بيان ٻڌو. ❖ پوري توجهه سان گڏ بيان ٻڌڻ جي نيت ڪريو، ❖ ادب سان ويهڻ جي نيت ڪريو. ❖ جيڪڏهن اوهان وٽ قلم (Pen/Pencil)، ڊائري آهي ته اَهمّ ڳالهيون نوٽ ڪرڻ جي به نيت ڪريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان جي اڄ جي بيان جو موضوع آهي ”چڱي ۽ بُري لالچ“ اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌنداسين، زبان لٽڪي سيني تي اچي وئي، لالچ ڇا کي چئبو آهي، لالچ جو انجام، مال جي لالچ ، لالچ جو وبال، لالچ جي چمڪ، بُري لالچ کان بچڻ ۽ سٺي لالچ اپنائڻ جا طريقا. ۽ ان کان علاوه ڪيئي اهم معلومات ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰه

---

[1] ... حدائق بخشش،ص۱۳۲

# زبان لٽڪي سيني تي اچي وئي

مفسرِ قرآن حضرت علامہ احمد بن محمد صاوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تفسير صاوي ۾ لکن ٿا: بَلۡعَمۡ بِن بَاعُوۡرَاء پنهنجي دور جو تمام وڏو عالم، عابد ۽ زاهد هو. هن کي اسم اعظم جو علم بہ هو، اهو پنهنجي جڳهہ تي ويهي پنهنجي روحانيت سان عرش اعظم کي ڏسي وٺندو هو ۽ نهايت مستجاب الدعوات هو، هن جون دعائون گهڻيون قبول ٿينديون هيون، هن جي شاگردن جو تعداد بہ گهڻو هو، مشهور اهو آهي تہ هن جي درسگاهہ ۾ شاگردن جي دوات (مَسُ) جو تعداد ٻارهن هزار هيو. جڏهن حضرتِ سيدُنا موسيٰ عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام "قومِ جبارين" سان جهاد ڪرڻ لاءِ بني اسرائيل جي لشڪر کي ساڻ وٺي روانا ٿيا تہ بلعم بن باعورا جي قوم سندس وٽ گهٻرائيندي آئي ۽ انهن چيو تہ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تمام وڏو ۽ نهايت طاقتور لشڪر وٺي اسان تي حملو ڪرڻ وارا آهن، اهي هي چاهين ٿا تہ اسان کي اسان جي زمينن مان ڪڍي اها زمين پنهنجي قوم بني اسرائيل کي ڏين. انهيءَ ڪري (معاذالله) اوهان حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي لاءِ اهڙي بددعا ڪريو جو اهي شڪست کائي واپس موٽي وڃن، اوهان جيئن تہ مستجاب الدعوات آهيو (يعني اوهان جي هر دعا قبول ٿيندي آهي)، انهيءَ ڪري اوهان جي دعا ضرور قبول ٿيندي. اهو ٻڌي بَلۡعَمۡ بِن بَاعُوۡرَاء ڏڪي پيو، ۽ چوڻ لڳو تہ توهان جو برو ٿئي، رب جي پناهہ! حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام **الله** جا رسول آهن ۽ سندن لشڪر ۾ مؤمنن ۽ ملائڪن جي جماعت آهي ان تي ڀلا مان ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح بددعا ڪري سگهان ٿو؟ پر ان جي قوم روئي ٻاڏائي اهڙي طرح اصرار ڪيو جو هن اهو چيو تہ استخارو ڪرڻ ڪان پوءِ مون کي اجازت ملي تہ بددعا ڪندس، جڏهن استخاري ۾ هن کي بددعا جي اجازت نہ ملي تہ هن صاف صاف انڪار ڪري ڇڏيو تہ جيڪڏهن مون بددعا ڪئي تہ منهنجي دنيا و آخرت ٻئي

برباد ٿي ويندي هئي. ان ڪان پوءِ قوم ڪافي قيمتي تحفا سوکڙيون هن جي خدمت ۾ پيش ڪري بددعا لاءِ گهڻو زور ڀريو، ايستائين جو بلعم بن باعورا تي حرص ۽ لالچ جو ڀوت سوار ٿي ويو ۽ مال جي ڄار ۾ ڦاسي انهن جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ تيار ٿي پيو، ۽ پنهنجي گڏهه تي سوار ٿي بددعا جي لاءِ نڪتو، رستي ۾ هر هر گڏهه بيهي رهندي هئي ۽ منهن موڙي ڀڄڻ چاهيندي هئي پر اهو هن کي ماري ماري اڳتي وڌائيندو رهيو، ايستائين جو گڏهه کي **الله** تعاليٰ ڳالهائڻ جي سگهه ڏني ۽ ان چيو ته افسوس: اي بَلْعَمْ بِن بَاعُوْرَاء! تون ڪٿي ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ ڏس! منهنجي اڳيان ملائڪ آهن جيڪي منهنجو رستو روڪي منهنجو منهن موڙي مون کي پوئتي ڌڪي رهيا آهن. اي بَلْعَمْ! تنهنجو برو ٿئي، ڇا تون **الله** جي نبي ۽ مؤمنن جي جماعت تي بددعا ڪندين؟ پر بلعم بن باعورا جي اکين تي لالچ جي پٽي ٻڌل هئي، گڏهه جي خبروار ڪرڻ جي باوجود به واپس نه موٽيو، ۽ "حُسبان" نالي جبل تي چڙهي بلندي تان حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي لشڪرن کي غور سان ڏسي بددعا شروع ڪئي پر **الله** جو شان ڏسو ته اهو بددعا ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ ڪندو هو پر هن جي زبان مان سندس قوم جي لاءِ بددعا جاري ٿيندي هئي. اهو ڏسي ڪيئي ڀيرا سندس قوم هن کي ٽوڪيو ته اي بلعم! تون ته الٽو بددعا پيو ڪرين. ته چوڻ لڳو: اي منهنجي قوم! مان ڇا ڪيان مان چوان ٻيو ٿو پر منهنجي زبان مان نڪري ڪجهه ٻيو پيو! پوءِ اوچتو ان تي غضبِ الهي نازل ٿيو جو اوچتو ان جي زبان لٽڪي ان جي سيني تي اچي وئي. ان وقت بَلْعَمْ بِن بَاعُوْرَاء پنهنجي قوم کي روئي چيو: افسوس منهنجي دنيا ۽ آخرت ٻئي برباد ٿي ويا، منهنجو ايمان هليو ويو ۽ آئون **الله** جي ڏمر ۽ عذاب ۾ گرفتار ٿيس، هاڻ منهنجي ڪا به دعا قبول نه ٿي سگهندي. (1)

*ڈر لگتا ہے ایماں کہیں ہو جائے نہ برباد سرکار بُرے خاتمے سے مجھ کو بچانا*

[1] ... تفسير صاوی،پ۹،الاعراف،تحت الآية:۲،۵۷۱/۷۲۷ملخصًا

جب روح مرے تن سے نکلنے کی گھڑی ہو شیطانِ لعیں سے مرا ایمان بچانا
جب دم ہو لبوں پر اے شہنشاہِ مدینہ تم جلوہ دکھانا مجھے کلمہ بھی پڑھانا[1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بُري لالچ جو انجام

هن واقعي جو تذڪرو سيپاري 9، سُوره اَعرَاف جي آيت نمبر175 ۾ آهي :

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ الَّذِیْۤ اٰتَیْنٰهُ اٰیٰتِنَا فَانْسَلَخَ مِنْهَا فَاَتْبَعَهُ الشَّیْطٰنُ فَكَانَ مِنَ الْغٰوِیْنَ ﴿۱۷۵﴾ (پ۹،الاعراف:۱۷۵)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اي محبُوب اُنهن کي حال ٻڌاءِ اُنهيءَ شخص جو جِنهن کي اسان پنهنجون آيتون ڏنيون پوءِ اُهو اُنهن کان صاف نڪري ويو پوءِ شيطان اُن جي پُٺيان لڳو تہ گمراهن مان ٿي پيو.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: يعني جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ نافرماني ڪرڻ کان ڦيريان ئي ان کي روڪي ڇڏيون ها پوءِ انهن آيتن تي عمل جي ڪري ان کي بلند رتبو عطا فرمائي اَبرار(پرهيزگارن) جي درجات ۾ پهچائي ڇڏيون ها، پر هو تہ دنيا ڏانهن مائل ٿي ويو ۽ ان دنيا ۽ ان جي لذتن کي آخرت ۽ ان جي نعمتن تي ترجيح ڏيڻ ۾ پنهنجي خواهش جي پيروي ڪئي.[2]

بَلْعَمْ بِن بَاعُوَرَاء کي الله پاڪ لالچ جي سزا اهڙي ڏني جو ان جي حالت ڪتي جي حالت وانگر ڪري ڇڏي، سيپاري 9، سُوره اَعرَاف جي آيت نمبر176 ۾ ارشاد آهي:

[1]… وسائل بخشش(مُرمَّم)،ص۳۵۲

[2]… قرطبی، الاعراف، تحت الآية: ۱۷۶، ۴ / ۲۳۰، الجزء السابع، مدارك، الاعراف، تحت الآية: ۱۷۶، ص۳۹۵، ملتقطاً

وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗۤ اَخْلَدَ اِلَى الْاَرْضِ وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الْكَلْبِ ۚ اِنْ تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ اَوْ تَتْرُكْهُ يَلْهَثْ
(پ۹،الاعراف:۱۷۶)

۽ اسان گھرون ها تہ آيتن جي سبب اُن کي مٿي کريون ها مگر اُهو تہ زمين کي پڪڙي ويٺو ۽ پنهنجي خواهش جو تابع ٿيو پوءِ اُن جو حال ڪتي وانگر آهي جيڪڏهن تون اُن تي حملو ڪرين تہ زبان ٻاهر ڪڍي ۽ ان کي ڇڏين تہ بہ زبان ٻاهر ڪڍي

## لالچ ۽ نفساني خواهش ڦاسائي ڇڏيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيت ۾ بَلْعَمْ بِن بَاعُوْرَاء جو حال بيان ٿيو، اهو شخص فضل و ڪمال جي ان مرتبي تي پهتل هو جو اڳوڻن ڪتابن جو عالم هو، الله پاڪ جو اسمِ اعظم ان کي معلوم هو، جيڪا دعا گھرندو هو اها قبول ٿيندي هئي، پنهنجي جڳھ تي ويهي عرش کي ڏسي وٺندو هو، ٻارهن هزار شاگرد ان جي درس ۾ شريڪ ٿي ان جون ڳالهيون لکندا هئا.[1]

فضل و ڪمال جو ايترو وڏو رتبو ماڻڻ وارو شخص جڏهن پنهنجي نفساني خواهش جي پيروي ڪرڻ لڳو، دنيا جو مال ۽ ان جي نعمتن جو خواهش مند ٿيو، آخرت ۽ اتي جي نعمتن کي ڇڏي ڏنو، نيٺ جيڪو ڪجھ ان کي عطا ٿيو سڀئي کسجي ويو، ان جو ايمان برباد ٿي ويو ۽ دنيا و آخرت ۾ ناڪام ۽ نقصان ڪڻڻ وارو ٿي ويو.[2]

ياد رهي تہ مال ۽ مرتبي جو حرص دين جي لاءِ انتهائي نقصان دِه آهي جڏهن تہ سٺي نيت سان ورتل مال ۾ الله پاڪ برڪت بہ عطا ڪندو آهي جيئن تہ

حضرت حَڪيم بن حِزَام رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: "رسولِ اڪرم، نبي محترم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم مون کي ارشاد فرمايو: "اي حڪيم! اهو مال تروتازه ۽ مٺو آهي، جيڪو ان کي چڱي نيت سان وٺي تہ ان کي ان مال ۾ برڪت ڏني ويندي آهي ۽

[1]... صاوی، الاعراف، تحت الآية: ۱۷۵، ۲ / ۷۲۷

[2]... خازن، الاعراف، تحت الآية: ۱۷۶، ۲ / ۱۶۰

جيڪو ان کي قلبي لالچ سان وٺندو تہ ان کي ان مال ۾ برڪت ناهي ڏني ويندي ۽ هو ان شخص وانگر ٿي ويندو آهي جيڪو کائي پر پيٽ نہ ڀري ۽ (ياد رکو) مٿي وارو هٿ هيٺ واري هٿ کان بهتر آهي.[1]

حِرصِ دنیا نکال دے دل سے		بس رہوں طالبِ رضا یارب[2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!		صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## لالچ ڇا کي چئبو آهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عام طور تي اهو ئي سمجهيو ويندو آهي تہ لالچ جو تعلق صرف مال و دولت سان آهي جڏهن تہ ائين نہ آهي ڇوتہ لالچ تہ ڪنهن شيءِ جي گهڻي خواهش ڪرڻ جو نالو آهي ۽ اها شيءِ ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿي چاهي اهو مال هجي يا ڪجهہ ٻيو. حضرتِ علامہ عبدالمُصطفٰي اعظمي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: لالچ ۽ حِرص جو جذبو خوراڪ، لباس، مڪان، سامان، دولت، عزت، شهرت مطلب تہ هر نعمت ۾ ٿيندو آهي.[3]

سيپاري 5 سوره نساء جي آيت نمبر 128 ۾ ارشاد آهي:

| | |
| --- | --- |
| وَ اُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ ؕ (پ۵،النساء: ۱۲۸) | ۽ دليون لالچ جي ڦندي ۾ آهن |

تفسيرِ خازن ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي: ''لالچ'' دل جو لازمي حصو آهي ڇوتہ اها اهڙي طرح ٺاهي وئي آهي. اولادِ آدم ۾ حرص لالچ ۽ حسد اهي ٿي شيون رکيون ويون آهن ۽ قيامت تائين رهنديون.[4] انهن ٽنهي شين يا

[1]... بخاری، کتاب الرقاق، باب قول النبی صلی اللہ علیہ وسلم: ہذا المال خضرۃ حلوۃ، ۴ / ۲۳۰، الحدیث: ۶۴۴۱

[2]... وسائل بخشش(مُرمَّم)،ص۸۱

[3]...جنتی زیور،ص۱۱۱ملخصًا

[4]...المستطرف فی کل فن مستظرف، الباب العاشر: فی التوکل...الخ، ص ۱۱۲

ڪنهن هڪ مان ڪاميابي ان ڪي ئي ملندي آهي جنهن کي الله پاڪ توفيق ڏئي.

قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد آهي :

وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَۚ(۹) .
(پ۲۸،الحشر:۹)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪو پنهنجي نفس جي لالچ کان بچايو ويو پوءِ اهي ئي ڪامياب آهن.

تفسير صراطُ الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان لکيل آهي: هن آيت مان معلوم ٿيو تہ جن انسانن جي نفس کي لالچ کان پاڪ ڪيو ويو اهي حقيقي طور تي ڪامياب آهن ۽ اها بہ خبر پئي تہ نفس جي لالچ جهڙي بُري عادت کان بچڻ گهڻو مشڪل آهي، جنهن تي الله پاڪ جي خاص رحمت هجي تہ اهو ئي ان عادت کان بچي سگهي ٿو. اها عادت ڪيتري قدر نقصان دِه آهي ان جو اندازو هن حديث مبارڪ مان لڳائي سگهجي ٿو، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو”ظلم ڪرڻ کان ڊڄو ڇوتہ ظلم قيامت جو انڌيرو آهي ۽ نفس جي لالچ کان بچو ڇوتہ هن لالچ توهان کان پهريان وارين اُمتن کي هلاڪ ڪيو جو لالچ انهن کي ناحق قتل ڪرڻ ۽ حرام ڪم ڪرڻ تي اُڀاريو.[1] ۽ ان کان بچڻ ڪيتري قدر فائديمند آهي، هن جو اندازو هن روايت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيتُ الله شريف جو طواف ڪندي صرف اها ئي دعا گهرندا رهيا: اي الله! مون کي منهنجي نفس جي لالچ کان بچاءِ. جڏهن سندن کان ان بابت سوال ڪيو ويو تہ انهن فرمايو: جڏهن مون کي منهنجي نفس جي لالچ کان محفوظ رکيو ويو تہ نہ مان چوري ڪندس، نہ بدڪاري ڪندس ۽ نہ ئي مون هن قسم جو ڪو ڪم ڪيو آهي.[2]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ماڻهن جون لالچ جي حوالي سان مختلف حالتون

[1]... مسلم، كتاب البر والصلة والآداب، باب تحريم الظلم، ص١٣٩٤، الحديث: ٥٦(٢٥٧٨)

[2]... تفسير طبرى، الحشر، تحت الآية: ٩، ١٢ / ٤٢

آهن، ڪوئي مال جو حريص آهي تہ ڪو جاگير و جائيداد جي حرص پنهنجي اندر رکيل آهي، ڪنهن کي گناهن جي حرص انتو ڪري ڇڏيو آهي تہ ڪو حُبِّ جاه (يعني شهرت جي خواهش) جي حرص ۾ مبتلا آهي. جتي ان بُرن ڪمن جا حريص ڏٺا ويا آهن، اتي الله پاڪ جا اهڙا ٻانها بہ موجود آهن جن جون دليون نيڪين جي حرص سان ڀريل آهن، جن کي اُمت جي خيرخواهي جو حرص بيقرار رکندو آهي ۽ اهي ڏينهن رات سنت جي خدمت ۽ امت جي رهنمائي ۾ ڏينهن رات هڪ ڪيو وينا آهن، اڄوڪي دور ۾ جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ انهن پاڪيزه ماڻهن ۾ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ذاتِ مبارڪ بہ آهي جن جي دل دُنياوي لالچ کان پاڪ آهي، پاڻ نہ صرف خود نيڪين جا حريص آهن بلڪ ٻين کي بہ نيڪين جو حريص بنائڻ وارا آهن، امت جي خيرخواهي ۽ نيڪين جو ايترو حرص آهي جو ڇئي سگهجي ٿو تہ سندن جو ڪو ڪم نيڪي ۽ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏُکايل اُمّت جي خيرخواهي کان خالي ناهي. سندن عمر رسيده هئڻ بہ ڪين جي نيڪين جي حرص ۾ رڪاوٽ ناهي بلڪ پاڻ هن عمر ۾ بہ مدني چينل تي دِين جي خدمت ۽ ڪتاب ۽ رسالن جي تصنيف ۾ مصروف رهن ٿا ۽ پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ذريعي ماڻهن کي نيڪي ڏانهن توجهه ڏياري رهيا آهن. الله پاڪ اسان کي بہ ان جي نيڪ سيرتِ پاڪ جي ان نيڪ عادتن مان حصو عطا فرمائي ۽ انهن جي علم و عمل ۽ عمر ۾ برڪت عطا فرمائي. آمين.

## لالچ جا قسم

پيارا اسلامي ڀائرو! انسان ۾ جن شين جو حرص هوندو آهي، انهن مان ڪجهه شيون ثواب جو سبب هونديون آهن تہ ڪجهه عذاب جو سبب ۽ ڪجهه رڳو جائز هونديون آهن، جن تي ڪو ثواب ۽ عذاب يا پڪڙ ناهي. پر اهي ئي جائز ڪم جيڪڏهن ڪو سٺي نيت سان ڪري تہ اهو ثواب جو حقدار ۽ جيڪڏهن بُري اِرادي سان ڪري تہ عذابِ نار جو حقدار ٿي ويندو آهي.

اهڙي نموني حرص ٻه ٽن قسمن جو آهي (١)...چڱو حِرص (٢)...بُرو حِرص (٣)...جائز حِرص پر جيڪڏهن ڪنهن حِرص ۾ سٺي نيت هوندي ته اهو حِرص محمود (يعني چڱو) بڻجي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن بُري نيت آهي ته مَذمُوم (يعني بُرو) حرص ٿي ويندو.[1]

جيڪڏهن الله پاڪ جي رحمت ۽ ان جي توفيق سان نماز، روزو، حج، زڪوٰة، صدقو وخيرات، تلاوت، ذڪرالله، دُرُودِ پاڪ، حصولِ علمِ دين، صِلہ رحمي، خيرخواهي ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ ٻين نيڪين جو حرص هجي ته اهو حرص محمود (يعني سٺو) آهي. ۽ جيڪڏهن کائڻ پيئڻ، وڏيڪ سمهڻ، حلال مال گڏ ڪرڻ، پنهنجو گهر ٺاهڻ، تحفا ملڻ عمده لباس پائڻ ۽ ٻين اهڙن ڪمن جو حرص هجي ته اهو حرص مباح (يعني جائز) آهي.

جيڪڏهن خدانخواسته نفس و شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي رشوت، چوري، بدنگاهي، بدڪاري، اَمرَد پسندي، واه واه جي شهرت، فلمون ڊراما ڏسڻ، ڳائڻ وڄائڻ، نشي، جُوا جو حِرص، غيبت، تُهمت، چُغلي، گار ڏيڻ، بدگماني، ماڻهن جا عيب ڳولڻ ۽ ٻين گناهن جو حِرص هجي ته اهڙو حرص مذموم (بُرو) ۽ حرام و گناه آهي.

## اسان کي ڪهڙو حرص اپنائڻ گهرجي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! حِرص جا ٽي قسم اسان جي اڳيان آهن، هاڻي اسان غور ڪريون ته اسان ۾ ڪهڙو حِرص موجود آهي، ان حِرص جو رُخ موڙڻ اسان جي اختيار ۾ آهي، اچو اسان پنهنجي حرص جو رُخ نيڪي وارن ڪمن ڏانهن موڙي ڇڏيون، اسان نيڪين جا حريص بڻجي وڃون ۽ گناهن جي مذموم ۽ بُري حرص کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيون ڇوته بُرو حرص انسان کي تباه و برباد ڪندو آهي جيئن ته پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي:

[1] ...حرص، ص١٣

لالچ کان بچو ڇوته اهو يڪدم لاحق ٿيندڙ فقر آهي.(1)

## ابنِ آدم جو حرص

حضرتِ سَيِدُنا اَنَس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان رِوايت آهي ته پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ حقيقت نشان آهي: جيڪڏهن ابنِ آدم وٽ سون (Gold) جون ٻه واديون (يعني ٻه جبلن جي وچ ۾ جيڪا جڳهه ٿيندي آهي اهي) ٻه هجن تڏهن ٻه اهو ٽئين جي خواهش ڪندو ۽ ابنِ آدم جو پيٽ قبر جي مٽي ئي ڀري سگهي ٿي.(2)

## انسان جو حِرص ختم ناهي ٿيندو

علامه اَبُو زَڪرِيا يحيٰ بِن شَرَف نَوَوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه شرح مسلم ۾ فرمائن ٿا: حديث جي معنيٰ اها آهي ته انسان دنيا تي لالچي ئي رهندو ايستائين جو ان کي موت اچي وڃي ۽ ان جي پيٽ کي قبر جي مٽي ئي ڀريندي.(3)

## انتهائي لالچي ۽ بخيل

حضرت عَلّامہ مُلّا عَلي قَارِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن حديث ۾ هن ڳالهه تي خبردار ڪيو ويو آهي ته انسان جي فِطرَت ۾ هڪ اهڙو بُخل هوندو آهي جيڪو ان کي لالچي بڻائيندو آهي جيئن ته ارشاد اِلٰهي آهي:

| | |
|---|---|
| قُلْ لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَآىِٕنَ رَحْمَةِ رَبِّیْۤ اِذًا لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْیَةَ الْاِنْفَاقِؕ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ﴿۱۰۰﴾ (پ۱۵،بني اسرائيل:۱۰۰) | ترجمو ڪنزالايمان: تون فرماءِ جيڪڏهن توهان ماڻهو منهنجي رب جي رحمت جي خزانن جا مالڪ هجون ها ته انهن کي ٻه بند ڪري ڇڏيو ها خرچ ٿي وڃڻ جي خوف کان ۽ انسان وڏو ڪنجوس آهي |

---

1... الزهد الکبير، ص ۸۶، حديث: ۱۰۱

2... مسلم، کتاب الزکاة، باب لو ان لابن آدم ۔۔۔ الخ، ص۵۲۱، حديث: ۱۱۶

3... فيضان رياض الصالحين، ۲۷۸/۱ بحوال شرح مسلم للنووی، کتاب الزکاة، باب کراهة الحرص علی الدنيا، ۱۳۹/۴، الجزء السابع

قرآنِ ڪريم جي تفسيرن مان هڪ مشهور تفسير "تفسيرِڪبير" ۾ آهي ته هتي انسان کي ان جي اصل جي اعتبار کان وڏو ڪنجوس فرمايو ويو آهي ڇوته انسان کي محتاج پيدا ڪيو ويو آهي ۽ محتاج انسان لازمي طور تي انهيءَ شيءِ کي پسند ڪندو آهي ۽ پنهنجي ذات جي لاءِ روڪي ونندو آهي جنهن سان محتاجي دور ٿي وڃي. جڏهن ته انسان جي سخاوت خارجي سبب جي ڪري ٿيندي آهي جيئن پنهنجي ساراهه جو پسند ٿيڻ يا ثواب ملڻ جي اميد هئڻ. هن مان ثابت ٿيو ته انسان پنهنجي اصل جي اعتبار کان بخيل آهي.[1]

۽ اها آيت ابنِ آدم جي انتهائي لالچي ۽ بخيل هئڻ تي دليل آهي، ابنِ آدم ان پکي کان به وڌيڪ بخيل ۽ لالچي آهي جيڪو سمنڊ جي ڪناري تي هن خوف کان اڃارو مري ويندو آهي ته ڪٿي پاڻي پيئڻ سبب پاڻي خَتم نه ٿي وڃي ۽ ان ڪيڙي کان به وڌيڪ بخيل ۽ لالچي آهي جنهن جي خوراڪ مٽي آهي پر اهو ان خوف کان بکايل مري ويندو آهي ته ڪٿي کائڻ سبب مٽي ختم نه ٿي وڃي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! مال جو حرص اهو مذموم (بُرو) حرص آهي جو الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ڪوڙ ساري آيتن ۾ هن کان بچڻ ۽ مال جي حرص جي مذمت بيان فرمائي، ڪٿي فرمايو ويو ته اي ايمان وارو! توهان جو مال نه توهان جو اولاد ڪا شيءِ توهان کي الله جي ذڪر سان غافل نه ڪري. ڪٿي فرمايو ويو ته مال توهان جي لاءِ فتنو آهي، ڪٿي فرمايو ته جيڪو دنيا جي آرائش چاهي ٿو ته اسان دنيا ۾ ان کي پورو ثمر ڏينداسين، مال سان محبت ڪرڻ واري جي باري ۾ فرمايو: بيشڪ هو مال جي محبت ۾ ضرور گهڻو شديد آهي، پر الله جي نعمتن جي شڪر ۽ ان جي ذڪر کان غافل آهي.

حضورنبي ڪريم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مختلف موقعن تي مال جي مذمت جي باري ۾

---

1... تفسير كبير، الاسراء، تحت الآية: ١٠٠، ٧ / ٤١٢

2... مرقاة المفاتيح، كتاب الرقاق، الفصل الاول، ١٢٤/٩، تحت الحديث:٥٢٧٣

فرمايو: مال جي محبت دل ۾ هن طرح نفاق پيدا ڪندي آهي جيئن پاڻي سبزي ڦٽائيندو آهي. وڏيڪ مال هلاڪ ڪرڻ وارو ۽ پنهنجي مالڪ کي بُرن ماڻهن ۾ شامل ڪندو آهي. مال آخرت جي لاءِ وبال جو سبب آهي. مال ۽ مرتبي جو حرص انسان جي دين کي ان کان وڌيڪ نقصان پهچائيندو آهي جيترو ٻه بکايل بگهڙ ٻڪرين جي ڌڻ کي پهچائيندا آهن.[1] مال يعني درهم و دينار واري ٻانهي تي لعنت ڪئي وئي آهي[2] ۽ پاڻ فرمايائون تہ انسان پوڙهو ٿي ويندو آهي پر مال جي لالچ ۽ عمر جي زِيادَتي جوان رهندي آهي.[3]

| | |
|---|---|
| دولت کی حرص دل سے **اللہ** دُور کر دے | عشقِ رسول دے دے یہ دعا کر رہے ہیں[4] |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## لالچي شخص جو معبود

اي عاشقانِ رسول! واقعي حرص ۽ لالچ تمام بُري بلا آهي، حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: لالچي شخص جنهن شخص سان لالچ رکندو آهي اهو شخص جڻ ان جو مَعبود بڻجي ويندو آهي. پوءِ هي ان سان دوستي ڪرڻ، ان جو محبوب بڻجڻ ۽ ان تائين پهچڻ جي لاءِ هر راهہ تي هلڻ لڳندو آهي ۽ ان جي گهٽ مان گهٽ اها حَالَت هوندي آهي جو هو ڪوڙي ساراهہ ڪندو آهي ۽ اَمرٌ بِالمَعرُوف ۽ نَهي عَنِ المُنكر (يعني نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ کي) تَرڪ ڪندي ان جي سامهون مُداهنت سان ڪم وٺندو آهي (يعني حق ڳالهہ لڪائيندو آهي).[5]

---

1... ترمذی، کتاب الزهد عن رسول اللہ، ۱۶۶/۴،حدیث: ۲۳۸۳

2... ترمذی، کتاب الزهد عن رسول اللہ،۱۶۶/۴، حدیث: ۲۳۸۲

3... مسلم، کتاب الزکاة، باب کراهة الحرص علی الدنیا،ص ۵۲۱،حدیث: ۱۱۵- (۱۰۴۷)

4... وسائل بخشش مرمم، ص۲۹۹

5... احیاء العلوم،۱۰۲/۳

## لالچ جي چمڪ

اميرالمؤمنين حضرت سيدُنا علي المرتضٰي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو فرمان آهي: لالچ جي چمڪ ڏسي عقل اڪثر مار کائي ويندو آهي. سندن جو ئي فرمان آهي: مَردن جي عقل کي شراب بہ ايترو خراب ناهي ڪندو جيترو لالچ ڪندي آهي. [1]

## مال جي حرص جو وبال

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي لالچ جي چمڪ ڏسي عقل اڪثر مار کائي ويندو آهي ۽ اهڙي طرح لالچي شخص لالچ ۾ اچي الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ، ان جي برگزيده ٻانهن جي مخالفت ڪرڻ کان بہ ناهي مڙندو ۽ لالچ ۾ اچي پنهنجي دين کان ئي آجو ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي آخرت تہ برباد ڪندو ئي آهي دنيا ۾ بہ ذليل ۽ رسوا ٿي ويندو آهي.

| | |
|---|---|
| حرص و ہوسِ بد سے دل تُو بھی ستم کر لے | تُو ہی نہیں بے گانہ دُنیا ہی پَرائی ہے[2] |

شعر جي مختصر وضاحت: هن شعر ۾ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي دل کي مخاطب ڪندي فرمائن ٿا: اي دل بُري لالچ ۽ طمع سان جيترو ظلم ڪري سگهين ٿي ڪري وٺ ڇوتہ صرف تُون ئي نہ، سڄي دنيا ئي اجنبي ۽ بيگاني آهي. جيڪا صرف پنهنجي خواهشات جي پويان پيل آهي.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٻگهي ڄمار جو حرص

مال جي حرص کان علاوه هڪ حرص وڏي زندگي جو بہ آهي جنهن جي خواهش في زمانہ شايد هر شخص پنهنجي دل ۾ ڪنيو وتندو آهي، وڏيون وڏيون

[1]... المستطرف فی کل فن مستظرف، الباب العاشر: فی التوکل...الخ، ص ۱۱۲

[2]... حدائقِ بخشش، ص ۱۹۳ مکتبۃ المدینہ کراچی

اميدون ۽ منصوبا (Plans) ناهي رکندو آهي جڏهن ته خداءِ جبار و قهار مشرڪن جي ڊگهي زندگي جي خواهش جي مذمت ڪندي ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰى حَیٰوةٍۚۛ وَ مِنَ الَّذِیْنَ اَشْرَكُوْاۚۛ یَوَدُّ اَحَدُهُمْ لَوْ یُعَمَّرُ اَلْفَ سَنَةٍۚ وَ مَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ یُّعَمَّرَؕ وَ اللّٰهُ بَصِیْرٌۢ بِمَا یَعْمَلُوْنَ۠(۹۶) (پ۱،البقرة:۹۶)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ بيشڪ توهان انهن کي سڀني کان وڌيڪ حياتي تي حرص ڪندڙ ڏسندا، ۽ مشرڪن مان ڪن جي تمنا آهي ته جيڪر هزار سال زنده رهي ۽ ان وڏيءَ عمر جو ملڻ ان کي عذاب کان نٽو پري ڪري سگهي، خدا سندن ڪمن کي ڏسي رهيو آهي

تفسير صراط الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان جيڪو بيان ڪيو ويو ان جو خلاصو آهي: اي حبيب! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مجوسي مشرڪ هزار سال جيئڻ جي تمنا رکن ٿا ۽ يهودي ان کان به وڌي ويا آهن ڇوته انهن جي جيئڻ جي هوس سڀ کان وڌيڪ آهي جڏهن ته ايتري عمر جو ڏنو وڃڻ به ان کي جهنم جي عذاب کان پري نه ڪري سگهندو ۽ الله پاڪ انهن جي سمورن عملن کي خوب ڏسي رهيو آهي ۽ انهن جو ڪو حال الله پاڪ کان لڪيل ناهي.[1]

## دنياوي زندگي جا حريص ڪير؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪافر دنياوي زندگي جا حريص هوندا ۽ موت کان گهٽو ڀڄندا آهن جڏهن ته مومن جو شان اهو آهي ته هو جيڪڏهن زندگي چاهي ٿو ته صرف ان ڪري جو گهڻيون نيڪيون ڪري، آخرت جو سامان گڏ ڪري ۽ آخرت جو سامان گڏ ڪرڻ جي لاءِ زندگي چاهڻ اها زندگي جي هوس ناهي بلڪ آخرت جي تياري آهي جيڪو سنو حرص آهي. پر ياد رهي ته ڊگهي عمر ۽ وڌيڪ مال الله پاڪ جي راضي ٿيڻ جي نشاني ناهي بلڪ اهي ته بعض اوقات وبال جو ذريعو بڻجي ويندا آهن.

---

1... خازن، البقرة، تحت الآية: ۹۶، ۱ / ۷۱

حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا ته هڪ شخص عرض ڪيو: يارسول الله! صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ماڻهن ۾ سڀ کان بهترين ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون: جنهن جي عمر ڊگهي هجي ۽ عمل نيڪ هجي. ان شخص ٻيهر عرض ڪيو: ماڻهن ۾ سڀ کان برو ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون: جنهن جي عمر ڊگهي ۽ عمل بُرو هجي.[1]

| | |
|---|---|
| حرصِ دنیا نکال دے دل سے | بس رہوں طالبِ رضا یارب[2] |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هر حرص بُرو ناهي ٿيندو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان مال جي حرص ۽ ڊگهي ڄمار جي حرص جي باري ۾ ٻڌو، ياد رکو! هر حِرص بُرو ناهي هوندو بلڪ چڱي شيءِ جو حِرص چڱو ۽ بُري جو حِرص بُرو ٿيندو آهي، پر چڱائي يا بُرائي ڏانهن وڃڻ اسان جي هٿ ۾ آهي. مال نه ئي مُطلَقاً ڀلائي جي شيءِ آهي نه ئي مَحض بُرائي جي شيءِ، جيئن مال ڪمائڻ جو حِرص به هر صورت ۾ برو ناهي. قدرِ ڪفايت کان وڌيڪ مال ڪمائڻ جو حِرص ان ڪري رکڻ ته پنهنجي قريبي رشتيدارن جي مدد ڪندو ته اهو سنو حرص آهي، جڏهن ته ٻين تي فخر ڪرڻ جي نيت سان ائين ڪرڻ برو آهي. بهارِ شريعت جلد 3 حصو 16صفحي 609 تي آهي، جنهن جو خلاصو آهي: ايترو ڪمائڻ فرض آهي جو پنهنجي لاءِ اهل و عيال جي لاءِ يا جن جو خرچو ان جي ذمي واجِب آهي، انهن تي خرچ ڪرڻ جي لاءِ ۽ قرض وغيره ادا ڪرڻ جي لاءِ ڪافي هجي، ان کان علاوه ماءُ پيءُ تنگ دست هجن ته انهن جي لاءِ ايترو ڪمائڻ جو انهن کي ڪافي ٿئي اهو به فرض آهي. ان فرض

---

[1]... ترمذی، کتاب الزہد عن رسول اللہ، باب منہ، ۴ / ۱۴۸، الحدیث: ۲۳۳۷

[2]...وسائل بخشش مرمم، ص ۸۱

ڪمائي ڪان پوءِ ان ڪي اختيار آهي تہ انهيءَ ڪي ڪافي سمجهي يا وڌيڪ ڪمائي ڪجهہ مستقبل جي لاءِ بچائي رکي. ۽ مستحب جي صورت اها آهي تہ پنهنجي انهن حاجتن کان علاوه فقيرن ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ يا پنهنجي قريبي رشتيدارن جي مدد ڪرڻ جي لاءِ ڪمائي اهو مستحب ۽ نفل عبادت کان افضل آهي. ۽ ان لاءِ ڪمائڻ جو مال ۽ دولت وڌيڪ هئڻ سان منهنجي عزت ۽ وقار ۾ اضافو ٿيندو، فخر وتڪبر جي نيت نہ هجي ايترو ڪمائڻ مباح آهي. ۽ جيڪڏهن ڪمائڻ جو مقصد فقط مال جي ڪثرت يا فخر و تڪبر آهي تہ منع آهي.[1]

## حرص کان بچڻ جون تدبيرون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً حرص کان بچڻ ناممڪن آهي ڇوتہ اهو انسان جي خمير ۾ شامل آهي، پر بُري حرص کي نيڪي جي حرص ۾ تبديل ڪرڻ ممڪن آهي. بُري حرص کان بچڻ جي لاءِ ❖ بارگاه الٰهي ۾ حِرص کان بچڻ جي دعا ڪريو ❖ مال جي حِرص جي نقصانن تي غور ڪريو ❖ صبروقناعت اپنايو ❖ خواهشات تي ڪنٽرول ڪريو ❖ پنهنجي رب تي حقيقي توڪل ۽ خرچ ۾ ميانہ روي اختيار ڪريو ❖ وڏيون اميدون نہ رکو ❖ موت کي ياد ڪريو ❖ ميدانِ محشر ۾ مالدارن جي حساب جو تصور ڪريو ❖ سخاوت جي عادت اپنايو ❖ مال جي حريصن جا عبرتناڪ انجام پنهنجي پيشِ نظر رکو.

## عبادت جو حرص

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مال ودولت، منصب وشهرت ۽ ٻين دنياوي شين جي بُري حرص کان بچي نيڪين جو حريص بڻجڻ بيحد ضروري آهي، سرڪارِ ذي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نيڪين جو حريص بڻجڻ جي تاڪيد فرمائيندي ارشاد فرمايائون: ان تي حرص ڪريو جيڪو توهان کي نفعو ڏئي ۽

---

1... الفتاوی الهندية،کتاب الکراهية،الباب الخامس عشر فی الکسب،ج۵، ص ۳۴۸،ملخصاً

الله پاڪ کان مدد گھرو عاجز نہ ٿيو.[1]

حضرت علامہ شرف الدين نَوَوِي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح بيان ڪئي تہ: الله پاڪ جي عِبَادَت ۾ خوب حِرص ڪريو ۽ ان تي اِنعام جي لالچ رکو پر هن عبادت ۾ بہ پنهنجي ڪوشش تي ڀروسو ڪرڻ جي بدران الله پاڪ کان مدد گھرو.[2]

مفتي احمد يارخان رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: دُنياوي شين ۾ قَناعت ۽ صبر سنو آهي پر آخرت جي شين ۾ حِرص ۽ بي صبري اعليٰ آهي، دين جي ڪنهن درجي تي پهچي قناعت نہ ڪريو اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪريو.[3]

## نيڪين جو حرص وڌايو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجو اهو ذهن بڻائي وٺو تہ مون کي نيڪين جو حريص بڻجڻو آهي، نيڪين جو حَرِيص بڻجڻ جي لاءِ (١)...نيڪين جي فضيلتن جو مُطَالَعو ڪريو ڇوتہ انساني طبيعت هن شيءِ ڏانهن جلد راغب ٿيندي آهي جنهن ۾ ان کي پنهنجو فائدو نظر ايندو آهي پوءِ (٢)...رضاءِ الٰهي ماڻڻ جي نيت کان راهِ عمل تي قدم رکو (٣)... نيڪين تي اِستقامت حاصِل ڪرڻ جي لاءِ چڱي صُحبَت اِختيار ڪريو ۽ (۴)...جهڙي طرح مال ودولت جا حريص ماڻهو مالدارن کي پنهنجو آئيڊيل بڻائيندا آهن تہ مون کي بہ انهن وانگر مالدار بڻجڻو آهي، اهڙي طرح اسان کي بہ گھرجي تہ نيڪيون ڪرڻ جو جذبو وڌائڻ، هن راهِ ۾ پيش ايندڙ مشقتن کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو ماڻڻ جي لاءِ ۽ بين سُنين سُنين نيتن سان گڏ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ الله کي پنهنجو آئيڊيل بڻائي وٺو ڇوتہ انهن پاڪيزه هستين جون زندگيون يقيناً اسان جي لاءِ رهنما اصول آهن.[4] اڇو

[1]...مسلم،كتاب القدر،باب فى الامر بالقوة ...الخ،ص٢٣۴١،حديث:۴۶۶٢

[2]... شرح مسلم للنووى، الجزء ٨،۵١٢/۶١،ملخصًا

[3]...حرص،ص١٨بحواله مرأة المناجيح،٢١١/٧

[4]... حرص،ص٢٢

ترغيب جي لاءِ ڪجھ واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا.

### (۱) صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه جو شوقِ عبادت

حضرتِ سيدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪان روايت آهي تہ اسان بيڪسن جي مددگار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: اڄ توهان مان ڪنهن روزو رکيو؟ تہ حضرتِ سيدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه عَرض ڪيو: مون. پوءِ معلوم ڪيائون: اڄ توهان مان ڪنهن جنازي ۾ شرڪت ڪئي؟ تہ پاڻ عَرض ڪيو: مون. پڇيائون: اڄ توهان مان ڪنهن مسڪين کي کاڌو کارايو؟ پاڻ عَرض ڪيو: مون. اِرشاد فرمايائون: اڄ توهان مان ڪنهن مريض جي عيادت ڪئي؟ تہ عَرض ڪيو: ”مون.“ تہ ٻنهي جهانن جي شَهنشاهہ اُمّت جي خيرخواه صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جنهن ۾ بہ اهي عادتون گڏ ٿي وڃن اهو جنت ۾ داخِل ٿيندو.[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سُبْحٰنَ الله! سيدنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪيتري قدر نيڪين جا حريص هئا، الله پاڪ انهن جي صدقي اسان کي بہ اهو جذبو نصيب فرمائي.

نهايت مُتَّقی و پارسا صدّيقِ اكبر ہيں    تَقی ہيں بلكہ شاہِ اَتْقِيا صدّيقِ اكبر ہيں
اميرُالمؤمنيں ہيں آپ امام المسلمیں ہيں آپ    نبی نے جنّتی جن کو کہا صدّيقِ اكبر ہيں[2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

### (۲)... زخمي حالت ۾ بہ نماز ادا فرمائي

اَميرُ المُومِنين حضرتِ سيدُنا عمر فاروقِ اَعظَم رَضِیَ اللهُ عَنْه تي فجر نماز کان پهريان خنجر سان قاتلاڻو حملو ڪيو ويو، پر پاڻ شديد زخمي ٿيڻ جي باوُجُود پنهنجي زندَگي جي آخري ساهہ تائين نَماز جو اهتمام ڪندا رهيا.[3]

---

[1]... حرص ،ص،۲۸بحوالہ مسلم ،ص۳۱۵،حديث:۸۲۰۱

[2]... وسائلِ بخشش(مرمم)، ص۵۶۵

[3]... مصنف ابن ابی شيبہ،۹۷۵/۸،حديث:۲۱

وہ عمرِ وہ حبیبِ شہِ بحر و بر وہ عمر خاصۂ ہاشمی تاجور
وہ عمر کھل گئے جس پہ رحمت کے در وہ عمر جس کے اعداء پہ شیدا سَقَر
اُس خدا دوست حضرت پہ لاکھوں سلام[1]

شعر جي مختصر وضاحت: اهو عمر (رضی اللہ عنہ) جيڪو رسولِ اڪرم، تاجدارِ حرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو دوست آهي ۽ خاصن منجهان آهي، جن تي الله پاڪ پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ انهن جي دشمنن تي دوزخ لازم آهي جو اهي دشمن جيئن دوزخ جي ويجهو ويندا اهو انهن کي پڪڙي وٺندو، اهو حضرت عمر جيڪو الله جو دوست آهي ان تي لکين سلام هجن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (۳) تلاوتِ قرآن دوران شهادتِ عثمان

حضرت سيدنا عثمانِ غني رضی اللہ عنہ کي سرڪار عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلام پهريان ئي عاليشان شهادت جي خوشخبري ٻڌائي هئي ته اي عثمان! تون سُوره بقره پڙهندي شهيد ٿيندي ۽ تنهنجو رت هن آيت تي پوندو: "فَسَيَكْفِيْكَهُمُ الله"[2] پنهنجي خِلَافت جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن حضرتِ سيدُنا عثمانِ غني رضی اللہ عنہ سخت آزمائش ۾ مُبتَلا ٿيا ۽ پنهنجي انهن ڏينهن کي زندگي جو آخري ڏينهن سمجهندي به ڪنهن قسم جو حيلو ڪرڻ بدران نفل روزا رکندا هئا ۽ تلاوتِ قرآن ۾ مشغول رهندا هئا ايستائين جو جڏهن سندن شَهادَت ٿي ته ان وَقت به تِلاوَت ڪري رهيا هئا. سندن جسم مُبارَڪ مان نڪرندڙ شهادت واري رت جا قطرا سامهون کليل قرآنِ ڪريم جي ان آيت تي پيا جنهن جي باري ۾ غيب

[1] ... حدائق بخشش،ص۳۱۲

[2] ... مستدرک،۴/۲۶،حدیث:۱۱۶۴

ڄاڻ واري آقا ، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خَبَر ڏني هئي.[1]

واسِطہ نبیوں کے سَرْوَر کا واسِطہ صدّیق اور عُمَر کا واسِطہ عثمان وحیدر کا یااللہ مِری جھولی بھر دے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (۴) مولا مشڪل ڪشا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو ذوقِ عبادت

امير المؤمنين حضرت سَيدُنا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي ڪيئي ڀيرا ڏٺو ويو ته جڏهن رات جي اونداهي ڇائنجي ويندي هئي، تارا چمڪي رهيا هوندا هئا ۽ پاڻ پنهنجي محراب ۾ ڏڪندي پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ پڪڙي ايترا بي چين ويٺل هوندا هئا جو ڄڻ زهريلي نانگ ڏنگي ورتو هجي. پاڻ غم ۾ ورتل شخص جيان روئيندي ۽ بي اختيار ٿي "اي منهنجا رب! اي منهنجا رب! پڪاريندا هئا، پوءِ دنيا کي مخاطب ٿي فرمائيندا هئا، تون مون کي ڌوکي ڏيڻ جي لاءِ آئي آهين؟ منهنجي لاءِ ٺٺجي سنورجي آئي آهين ؟ پري ٿي وڃ! ڪنهن ٻئي کي ڌوکو ڏجان، مان توکي ٽي طلاقون ڏئي چڪو آهيان، تنهنجي عمر گهٽ آهي ۽ تنهنجي محفل حقير جڏهن ته تنهنجون مصيبتون سهڻ آسان آهن، افسوس! زادِ راهه جي ڪمي آهي ۽ سفر ڊگهو آهي جڏهن ته واٽ وحشت سان ڀر پور آهي-[2]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي جيڪڏهن اسان پنهنجي اسلاف جي سيرت کي ڏسون ته انهن جون مبارڪ زندگيون نيڪ عملن جي حرص سان مالا مال آهن. ڪنهن جون راتيون تلاوتِ قرآن ۾ گذرنديون هيون ته ڪنهن جون نفل جي قيام ۾، ڪو سجدي جي حالت ۾ سڄي رات گذاري ڇڏيندو هو ته ڪو رب جي بارگاهه ۾ ٻاڏائيندي دعا ۾، ڪو روز ڏينهن ۾ ته ڪو روز رات ۾ هڪ قرآنِ ڪريم جي تلاوت فرمائيندو هو ته ڪنهن جي زندگي جو هڪ حصو ڏينهن ۽ رات ۾ ٻه قرآنِ ڪريم ختم ڪرڻ ۾ گذريو، ايستائين جو اهڙا بزرگ به گذريا

---

[1]... حرص،۲۹تا۳۱

[2]... حلية الاولياء ، ذكر الصحابة من المهاجرين ،۸۵/۱

آهن جن جي 60 سال تائين هڪ نماز جي جماعت به قضا نه ٿي. اللّٰه پاڪ انهن هستين جي صدقي اسان کي به نيڪين جو حريص بڻائي ۽ اسان کي فرائض و واجبات جي ادائيگي سان گڏوگڏ نفل جو به حِرص عطا ڪري. اٰمِين بِجَاه النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یا الٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سٺي صُحبت اپنايو

چيو ويندو آهي ته خربوزي کي ڏسي خربوزو رنگ پڪڙيندو آهي، تِر کي گلاب جي گل ۾ رکيو وڃي ته ان جي صُحبَت ۾ رهي گلابي ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابَسته ٿي عاشِقانِ رسول جي صُحبَت ۾ رهڻ وارو معمولي پٿر به اللّٰه ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مهرباني سان اَنمول هيرو بڻجي ويندو آهي، خوب جرڪندو آهي ۽ اهڙي شان سان موت واقع ٿيندي آهي جو ڏسڻ وارو ان تي رشڪ ڪندو ۽ جيئڻ جي بدران اهڙي رشڪ ڀري موت جي آرزو ڪرڻ لڳندو آهي. اوهان به دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ دعوتِ اِسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اِجتماع ۾ شِرڪت ۽ راهِ خدا ۾ سَفَر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي مَدَني قافلن ۾ سَفَر ڪريو.

## مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "هفتيوار اجتماع"

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول سٺي صُحبت فَراهم ڪري ٿو، ان جي برڪت سان لکين ماڻهو گُناهن ڀري زندگي کان توبه ڪري نيڪين ڀري زِندگي گُذاري رهيا آهن. اوهان به دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ حصّو وٺو. انهن مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم "هفتيوار سنّتن ڀري

اجتماع ۾ شِرڪت ڪرڻ“ به آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيندڙ هفتيوار سنّتن ڀري اجتِماع جو آغاز بعد نمازِ مَغرِب سوره مُلڪ جي تِلاوت سان ٿيندو آهي. ان کان پوءِ نعت شريف پڙهي ويندي آهي. پوءِ بيان ٿيندو آهي، جنهن ۾ عِلمِ دين جا گهڻا قيمتي موتي ميڙڻ جو موقعو ملندو آهي.

پوءِ ذِڪر و دُعا ۽ صَلوٰة وسَلام ٿيندو آهي. ان کان پوءِ نمازِ عشاء ۽ نماز کان پوءِ مدني حلقا لڳندا آهن، جنهن ۾ مختلف موضوعات (مثلاً گناهن جي عذابن يا نيڪين جي ثوابن) تي مختصر بيان، ڪا هڪ دُعا ياد ڪرائي ويندي آهي، ۽ اجتماعي محاسبو ڪرايو ويندو آهي. پوءِ آرام جو وقفو، خوش نصيب عاشقانِ رسول رات جو اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ تهجد نماز جون برڪتون ماڻيندا آهن، فجر جي اذان کان پوءِ صداءِ مدينہ، فجر نماز باجماعت، نماز کان بعد مدني حلقي ۾ شرڪت ۽ پوءِ مدني انعام تي عمل ڪندي اِشراق و چاشت جي سعادت ماڻڻ کان پوءِ صلوٰة و سلام تي اجتِماع جو اِختِتام ٿي ويندو آهي. اجتماع جي اختتام تي ڪثير عاشقانِ رسول سُنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندا آهن. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## گهر ۾ مدني ماحول ڪيئن بڻيو؟

لاهور جي علائقي ملتان روڊ جي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهه هن قسم جي تحرير موڪلي تہ مان لاپرواهہ قسم جو شخص هئس، ٽِفن وڄائي ٻارن جا گيت ڳائڻ ۽ قَوالن جون نَقلون ڪرڻ جي معاملي ۾ سڄي خاندان ۾ مشهور هئس. شادي ۽ ٻين تقريبن ۾ فِلمِي غَزلُون ۽ گانا ڳائڻ، بي ڍنگي انداز ۾ نچڻ، ماڻهن کي کِلائڻ منهنجو پسنديده مشغلو هو. اسڪول جو زمانو هو، هڪ عمامي وارو اسلامي ڀاءُ مونکي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪئي، مان انهن جي دعوت تي خميس جي ڏينهن سُنّتن ڀري اِجتماع ۾ وڃي پهتس، مونکي ڏاڍو سنو لڳو، ائين مان پابندي سان وڃڻ شروع ڪيو ۽ ٻين ڪلاسي

دوستن کي بہ دعوت پيش ڪئي جنهن تي اهي بہ اچڻ لڳا. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ مون نمازن جي پابندي شروع ڪري ڏني. آهستي آهستي عِمامو شريف بہ سجائي ورتو، جنهن تي گهر جي ڪِن ڀاتين سختي سان مُخالَفَت ڪئي، ايتري تائين جو عِمامو شريف ڇڪي لاٿو ويندو هو. درس ڏيڻ جي لاءِ منع ڪيو ويندو هو زلف رکڻ تي زبردستي ڪٽرائي ڇڏيندا ها. سُنّتن ڀري بيانن جون ڪيسٽون ٻڌڻ سان آئت ملي ۽ حوصلو وڌندو ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ آهستي آهستي گهر ۾ بہ مدنِي ماحول ٺهجي ويو، اهي گهر وارا جيڪي سُنّتن ڀري اجتماع ۽ مدني قافلي ۾ سفر جي اجازت نہ ڏيندا هئا، انهن مونکي ٻارهن مَهينن جي سفر جي اجازت ڏئي ڇڏي. گهر ۾ اِسلامي ڀينرن جو اِجتماع شروع ٿي ويو. والد صاحب ڏاڙهي سجائي ورتي.[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هفتيوار اجتماع بيانات ايپلي ڪيشن "اِسلامڪ سَپيچز (Islamic Speeches)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ (I.T Department) جي ڪوشش سان (Islamic Speeches) جي نالي سان هڪ ايپلي ڪيشن متعارف ڪرائي وئي آهي، هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي اوهان هفتيوار اجتماع ۾ ٿيندڙ بيانات تحريري صورت ۾ حاصل ڪري سگهندا. هن ۾ اردو کان علاوه، انگلش، هندي، سنڌي، رومن اردو، Dutch زبانن ۾ بہ بيانات موجود آهن. گڏوگڏ مخصوص ايونٽ جي حوالي سان بيانات بہ هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيا ويندا آهن. انهن بيانات جي مطالعي سان ڪوڙ سارو ديني علم سکڻ جو موقعو ملندو، اڄ ئي هن ايپليڪيشن کي انسٽال ڪري خوب برڪتون حاصل ڪريو.

## بُري حرص پيدا ٿيڻ جا سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! دنياوي مال و دولت، جاه و منصب ۽ گناهن جي بُري

[1]... غیبت کی تباہ کاریاں، ص۴۰۷، ملخصاً

حرص کان بچڻ جي لاءِ ان جي پيدا ٿيڻ جي سببن کي ڄاڻڻ بہ نهايت ضروري آهي. بُري حرص جي پيدا ٿيڻ جا ڪجھ سبب هي آهن:

## تربيت جو صحيح نہ هئڻ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بُري حرص پيدا ٿيڻ جو وڏو سبب صحيح تربيت جو نہ هئڻ آهي ڇوتہ جهڙي تربيت ٿيندي اهڙو ئي اثر ظاهر ٿيندو، جيڪڏهن والدين ٻارن کي ۽ استاد پنهنجي شاگردن (Students) کي دنياوي جاه و منصب، مال و متاع ۽ انهن کي انهن جي منزل بابت ٻڌائيندا تہ هو يقيني طور تي پنهنجي انهيءَ منزل جو حرص رکندا ۽ انکي ماڻڻ جي لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري انهي طرف ڏانهن وڌڻ جي ڪوشش ڪندا.

جيڪڏهن انهن کي خوفِ خدا جي باري ۾ ٻڌائيندا، عشقِ مصطفيٰ جو جام پيئاريندا تہ يقيناً انهن ۾ حرص بہ انهيءَ شيءِ جو پيدا ٿيندو جيئن تہ حضرت علامہ عبدالرحمن ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ منهنجي سنجيده طبيعت، مذهبي لڳاءُ ۽ دين ۾ اڳتي وڌڻ جي جستجو ۾ لڳل رهڻ جو سبب منهنجي استاد سڳورن جو انداز هو ڇوتہ انهن مان اڪثر گهڻو روئڻ وارا، رِقّتِ قلبي رکڻ وارا هئا ۽ اهڙي رِقّت هوندي هئي جو جڏهن اهي روئيندا هئا تہ گهڻي دير تائين روئيندا رهندا هئا، انهن کي ڏسي ڪري منهنجي اندر بہ اهڙو ئي جذبو پيدا ٿيڻ لڳو ۽ مان بہ پنهنجي دل ۾ رِقّت ڏسان ٿو.[1]

بُري حرص پيدا ٿيڻ جو هڪ سبب علمِ دين کان دوري پڻ آهي ڇوتہ انسان جنهن شيءِ جو علم ناهي رکندو، ان کي ڪري وڃندو آهي ۽ اهڙي طرح گناهن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. علم جي برڪت سان انسان ڪوڙ گناهن کان بچي نيڪي جي ڪمن ۾ مصروف ٿي ويندو آهي.

## گناهن جي حرص کان بچڻ جا ٽي علاج

[1]...حفظ العمر،مقدمہ ،ص9، دارالبشائر الاسلاميہ بيروت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حرص و لالچ جي باري ۾ ٻڌو، اچو! بُري حرص جا ٽي علاج ٻه ٻڌون ٿا:

(1)... گناهن جي سڃاڻپ ڪريو. گناهن جي سڃاڻپ حاصِل ڪرڻ ۽ انهن جون سزائون ڄاڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول عالم سڳورن ۽ مفتي سڳورن جي صُحبت اِختِيار ڪريو، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي مدني مذاڪرن ۾ اوّل تا آخر شرڪت ڪريو، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جون دعائون وٺندي هر هفتيوار رسالو ۽ مڪتبة المدينہ جي ٻين ڪتابن جو مطالعو ڪريو. (2) گناهن جي نقصانن تي غور ڪريو ڇوته جڏهن انسان گناهه ڪندو آهي ته غضبِ الٰهي کي دَعوت ڏيندو آهي، جنت کان پري ۽ جهنم جي قريب ٿي ويندو آهي، پنهنجي جان کي تڪليف ۾ وجهندو آهي، پنهنجي باطن کي ناپاڪ ڪندو آهي، عمل لکندڙ ملائڪن کي تڪليف ڏيندو آهي، الله پاڪ ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ناراض ڪندو آهي، تمام انسانن سان خِيانَت ۽ رَبُّ العٰلَمِين جي نافرماني ڪندو آهي. وغيره وغيره. (3)... بُري خاتمي جو خوف دل ۾ پيدا ڪريو ڇوته گناهن جو حرص رکندي گناهن ۾ مُبتَلا رهڻ ۽ توبہ جي توفيق نصيب نہ ٿيڻ بہ بُري خاتمي جي سببن مان هڪ سَبَب آهي.[1]

## حرص کان بچڻ جا طريقا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حرص کان بچڻ جي لاءِ ❖ بارگاهِ الٰهي ۾ حِرص کان بچڻ جي دعا ڪرڻ ❖ خواهشن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ اخراجات ۾ ميانہ روي اِختِيار ڪرڻ ❖ پنهنجي ربّ ڪريم تي حقيقي تَوَڪل ڪرڻ ❖ وڏيون وڏيون اميدون نہ لڳائڻ ❖ موت کي ياد رکڻ ❖ ميدانِ مَحشَر ۾ مالدارن کان حِساب جو تَصَوُّر ڪرڻ ❖ سَخَاوَت اپنائڻ ❖ صَبر وقَناعَت سان ڪم وٺڻ ❖ حِرصِ مال جي نقصانن تي غور ڪرڻ ❖ مال جي حريصن جي عبرتناڪ اَنجَام کي پڙ

[1]... حرص، ص۴۲ملتقطاً

پنهنجي پيشِ نَظَر رکڻ. وغيره بہ بيحد مفيد ثابت ٿيندا[1] اچو گڏجي دعا ڪريون ٿا:

| | |
|---|---|
| دولت کی حرص دل سے اللہ دُور کردے | عشقِ رسول دے دے کریہ دعا رہے ہیں[2] |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سُنّت جي ترغيب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

سنّتیں عام کریں دِین کا ہم کام کریں    نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

## خوشبو جون سنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! خوشبو جي سنتن ۽ آداب جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا پهريان بہ 2 فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪريو: (1) فرمايائون: منهنجي اکين جي ٺڏاڻ نماز بڻائي وئي.[3] (2) فرمايائون: چار شيون نبين جي سُنّت ۾ داخل آهن: نڪاح، مسواڪ، حيا ۽ خوشبو لڳائڻ (4) ❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خوشبو جو تحفو رد نہ ڪندا هئا[5]، هميشہ عمده خوشبو استعمال ڪندا هئا ۽ ٻين کي بہ ان جي تلقين ڪندا

[1]... فيضان رياض الصالحين،۱/۲۸۰

2...وسائل بخشش مرمم، ص ۲۹۹

[3]... نسائی، کتاب عشرة النسآء، باب حب النسآء،ص۶۴۴،حدیث:۳۹۴۵

[4]... مشکاۃ، کتاب الطہارۃ،باب السواک،۱/۸۸، حدیث:۳۸۲

[5]... سنتیں اور آداب ،ص۸۵

هئا (1) ❖ نمازِ جمعہ جي لاءِ خوشبو لڳائڻ مستحب آهي (2)❖ نَماز ۾ ربّ سان مُناجات آهي تہ ان جي لاءِ زينت ڪرڻ عطر لڳائڻ مُستَحب آهي(3) ❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ناخوشگوار بُو يعني بدبُو ناپسند ڪندا هئا ❖ مَردن کي پنهنجي لباس تي اهڙي خوشبو استعمال ڪرڻ گهرجي جنهن جي خوشبو پکڙجي پر رنگ جا نشان وغيره نظر نہ اچن ❖ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ ڪريمہ هئي تہ ”مشڪ“ سرِ اقدس جي مقدس وارن ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ لڳائيندا هئا ❖ ائيرفريشنر جي استعمال کان بچڻ گهرجي. (4)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!		صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو		سیکھنے سُنَّتیں قافلے میں چلو

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۶۶۹)

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

[1]... سنتیں اور آداب ،ص۸۳

[2]... بہار شریعت ۷۷۴/۱،حصہ ۴ملخصاً

[3]... نیکی کی دعوت ،ص۲۰۷

[4]... سنتیں اور آداب ،ص۸۳

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناهه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...**افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65**

[3]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابهء ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُم ڪي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانیة والخمسون، ص149

[2]...القول البدیع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغیب والترهیب، ج ۲، ص ۳۲۹، حدیث ۳۱

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305